Irrigation Department
Government of Sindh

سنڌ حڪومت
آبپاشي کاتو

# لوئر ڪوهستان ۾ 12 ننڍين ڊئمن ٺڪو-3، پيرباريچا، غلام مصطفيٰ، ڪمال شودو، موسيٰ شورو، پُرڪاٽي، ڪنڊ نئن، آصابو، جنائي، حب 1، 2 ۽ 3 لاءِ سماجي ۽ ماحولياتي اثرن جو تجزيو (اي ايس آءِ اي)








ايڊيشنل فنانسنگ آف سنڌ ريزيلئينس پروجيڪٽ- ايس آر پي (آبپاشي کاتو) (P173087)

فيبروري 2022

پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم
سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ
(آبپاشي کاتو)

ڪريڊٽ نمبر: 5888-PK

SINDH RESILIENCE PROJECT
SINDH IRRIGATION DEPARTMENT

# لوئر ڪوهستان ۾ 12 ننڍين ڊئمن ٺڪو-3، پيرباريچا، غلام مصطفيٰ، ڪمال شودو، موسيٰ شورو، پُرڪاٽي، ڪنڊ نئن، آصابو، جنائي، حب 1، 2 ۽ 3 لاءِ سماجي ۽ ماحولياتي اثرن جي تجزئي (اي ايس آءِ اي) جو مُکيہ خلاصو

سنڌ حڪومت عالمي بئنڪ جي مالي مدد سان هڪ منصوبي سنڌ ريزيلينس پروجيڪٽ )ايس آر پي)تي عملدرآمد ڪري رهي آهي. هن منصوبي تي صوبي جي مختلف علائقن ۾ آبپاشي کاتي ) ايس آءِ ڊي) ۽ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ )پي ڊي ايم اي ( طرفان ڪم ڪيو پيو وڃي. ايس آر پي تحت جِن منصوبن تي عملي ڪم ڪيو ويو آهي، اُن ۾ سنڌو درياهہ جي مٿي جي بندن جي بحاليءَ بهتري ۽ صوبي جي پاڻي جي کوٽ وارن علائقن ۾ برساتي پاڻي جي ذخيرن (ننڍين ڊئمن) جي اڏاوت شامل آهن. گذريل ٻن سالن دوران 14 ڊئمن تي ڪم شروع ڪيو ويو، جيڪي هاڻي مڪمل ٿيڻ جي مرحلي ۾ آهن. هاڻي عالمي بئنڪ جي اضافي مالي مدد سان ايس آر پي تحت برساتي پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ اجا بہ وڌيڪ 12 ننڍا ڊئمن ناهڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي، جن ۾ ڄامشورو ضلعي جي تعلقي ٿاڻو بولا خان ۾ ٺڪو-3، پير باريچا، غلام مصطفيٰ، ڪمال شودو، موسيٰ شورو ۽ پُرڪاٽي، ملير ضلعي جي تعلقي گڏاپ ۾ ڪنڊ نئين، آصابو، جنائي ۽ تعلقي شاهہ مريد ۾ حب 1، 2 ۽ 3 شامل آهن.

سموريون تجويز ڪيل جايون ڪيرٿر پروٽيڪٽيڊ ايريا ڪامپليڪس (ڪي پي اي سي1) اندر يا اُن جي پرسان واقع آهن. ٺڪو-3، پير باريچا، ڪنڊ نئين ۽ آصابو ڪيرٿر نيشنل پارڪ (ڪي اين پي) جي اندر واقع آهن، جڏهن تہ غلام مصطفيٰ، ڪمال شودو ۽ جنائي واريون جايون محال ۽ حب ڊئم وائيلڊ لائيف سينڪچوئريز ۾ تجويز ڪيون ويون آهن، ان ڪانسواءِ موسيٰ شورو، پُرڪاٽي ۽ حب 1، 2 ۽ 3 واريون جايون ڪي پي اي سي جي بفر زون ۾ تجويز ٿيل آهن.

عالمي بئنڪ جي حفاظتي پاليسيز لاءِ تيار ڪيل دستاويز اي ايس ايم ايف ۾ ڏنل ماحولياتي ۽ سماجي اپياس واري فهرست استعمال ڪري، ذيلي منصوبن جي ماحولياتي درجي بندي ڪئي وئي آهي. جيئن تہ تجويز ڪيل ڊئم ڪيرٿر پروٽيڪٽيڊ ايريا ڪامپليڪس ۾ واقع آهن، جتي عالمي بئنڪ جي حفاظتي اپائن واري پاليسي ۽ قومي/صوبائي ضابطن جي بجا آوري ڪندي، ماحولياتي ۽ سماجي اپياس ڪيو ويو، تہ جيئن ايس آر پي-اضافي مالي مدد تحت تجويز ڪيل ڪمن جي نتيجي ۾ نقصانڪار ماحولياتي اثرن جو تدارڪ ڪري سگهجي.

هي دستاويز (ESIA) ذيلي منصوبن وارن علائقن جي طبعي، حياتياتي، سماجي معاشي ۽ ماحولياتي پهلوئن جي ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. اُن سان گڏ منصوبي تي عملدرآمد دوران ننڍين اپائن جو مجموعو فراهم ڪري ٿو، ۽ ماحولياتي توڙي سماجي ناڪاري اثرن کي قبول جوڳي حد تائين ختم ڪرڻ لاءِ خاڪو مهيا ڪري ٿو.

1. ڪيرٿر جو محفوظ قرار ڏنل علائقو اٽڪل 4350 چورس ڪلوميٽر تي پکڙيل آهي، جيڪو سنڌ جي ڏکڻ اولهه طرف ڪوهستان ۾ واقع محفوظ علائقن کي گهيري ٿو. ڪي پي اي سي ڪيرٿر نيشنل پارڪ، محال ڪوهستان وائلڊ لائيف سينڪچوئري، حب ڊئم وائلڊ لائيف سينڪچوئري سورُجن سمبڪ، ايري ۽ هوٿياڻو گيم زيروس تي مشتمل آهي.

هي ذيلي منصوبا ڪوهستان جي خطي ۾ واقع آهن. ڪوهستان، ڪيرٿر سلسلي جو جابلو علائقو آهي جنهن ۾، جبلن ۾ گهيريل پٽ ۽ پٿريلا ميدان ٻئي اچي ٿا. انهن جبلن ۽ لهوارين ٽڪرين جي مٿانهين سطح، خالي پٿر جي آهي جنهن تي مٽي يا گاهه ٻوٽن جو تهه ناهي. اونهاري جي مند (جون-آگسٽ) ۾ جڏهن برسات پوندي آهي تڏهن جبلن ۽ ٽڪرن وچ ۾ موجود هي ماٽري، گاهه ٻوٽن سان سائي ٿي ويندي آهي ۽ٻني ڪاهڻ ممڪن ٿيندي آهي. ڪوهستان جي جبلن مان پاڻي جون سوين ترايون ۽ چشما وهن ٿا، جن جو پاڻي جبلن جي هيٺانهين وارن علائقن تائين وڃي ٿو، جتي مقامي هاري برساتي پاڻي کي روڪي خشڪ زمين واري فصل کي ريج ڏين ٿا.
انهن علائقن ۾ مقامي آبادي ٻني ٻاري لاءِ جر جو پاڻي استعمال ڪندي آهي. ڪوهستان جي مختلف علائقن ۾، جر جَي پاڻي جِي اونهائي 150 کان 350 فوٽ تائين آهي. جيڪڏهن ٻن سالن تائين مينهن نه پون ته، جر سڪي ويندو آهي ۽ پوکي لاءِ پاڻي ڦڙو نه هجڻ ڪري مقامي آبادي کي ڪوبہ لاڀ نٿو ملي. ڪوهستان جي علائقي ۾، جر کي ڀيهر پرڻ لاءِ تجويز ٿيل ڊيمن جي اڏاوت سان جر جو پاڻي ڊگهي مُدي تائين مهيا ٿي سگهندو. ڊيمن ۾ گڏ ٿيل پاڻي چراگاهن جي پرسان مال متاع لاءِ مهيا ٿي سگهندو. تجويز ڪيل ڊئمن وسيلي ٻوڏ جي تيز وهڪري کي گهٽائي سگهبو ۽ زرخيز زمين جو ڪاٽڻ ۽ شهري سهولتن جهڙوڪ، لنڪ روڊن، بجلي جي ٿنين ۽ مقامي انساني آبادي جي نقصان گهٽائي سگهجي ٿو. هي دستاويز ذيلي منصوبن جي علائقن جي طبعي، حياتياتي، سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي پهلوئن بابت ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. هي دستاويز منصوبي تي عملدرآمد دوران ننڍن اپائن جو مجموعو فراهم ڪري ٿو ۽ ماحولياتي توڙي سماجي ناڪاري اثرن کي قبول جوڳي حد تائين گهٽائڻ لاءِ خاڪو مهيا ڪري ٿو. ذيلي منصوبا سنڌ جي ڪوهستان واري علائقي ۾ واقع آهن. ذيلي منصوبن وارن علائقن ۾ مقامي آبادي زراعت توڙي پيئڻ لاءِ جر جو پاڻي استعمال ڪندي آهي.
هن علائقي ۾ پاڻي جي عدم دستيابي سبب زراعت تمام گهڻي متاثر ٿي آهي. نتيجي طور برساتي پاڻي تي ٿيندڙ فصل ۽ انهن جي پيداواري صلاحيت گهٽجي وئي آهي. جوئر، گوار ۽ ارنڊي جا فصل روايتي طور سانوڻي جي برسات ۾ پوکيا ويندا آهن، جڏهن ته جوَ ۽ ساڳ جا فصل سياري جي مُند ۾ پوکجن ٿا. انسانن جي استعمال لاءِ اناج اپائڻ سان گڏ چوپائي مال جي خوراڪ جو بہ مُکيہ ذريعو آهن. مقامي آبادي لاءِ چوپايو مال مُکيہ ۽ بُنيادي وسيلو آهي. اُنهن علائقن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ۽ چاري جي گهٽتائي چوپائي مال جي صحت کي بدترين نموني متاثر ڪري ٿي. چوپايو مال ڪير ڏيڻ گهٽائي ڇڏيندو آهي، جنهن جا ماڻهن جي آمدني ۽ غذائي حالت تي انتهائي ناڪاري اثر پوندا آهن. ماڻهو

چارو نہ هجڻ سبب پنهنجو مال ٻڪراجي علائقن ڏانهن منتقل ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن، جڏهن تہ اُهي علائقا پاڻ بہ پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن.

علائقي ۾ پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏکيا پنڌ ڪرڻا پوندا آهن، مثال طور، ڪوهستان ۾ عورتن کي پاڻي پرڻ لا ۽ 2 کان 3 ڪلوميٽرز جو فاصلو طئہ ڪرڻو پئي ٿو. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي بدترين ڏڪار 1998 کان 2002 ع واري عرصي ۾ آيو هو. سنڌ ۾ ٿرپارڪر ڪانپوءِ ڄامشورو ضلعي جو ڪوهستان وارو علائقو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو، جتي هزارين ايڪڙ فصل تباهہ ٿيو ۽ چوپايو مال مري ويو. هن ڏڪار ۾ هڪ اندازي موجب اٽڪل 33 لک ماڻهو متاثر ٿيا، اُن سان گڏ 3 ڪروڙ چوپائي مال جي متاثر ٿيڻ جي رپورٽ ملي، جِن ۾ اٽڪل 20 لک مال جو مرڻ بہ شامل آهي. کير ۽ گوشت يا تہ مڪمل طور غائب ٿي ويو يا وري غيرمعمولي حد تائين گهٽجي ويو، جنهن سبب خوراڪ ۽ غذا جي کوٽ پيدا ٿي، جڏهن تہ ماڻهن، خاص ڪري ٻارن جي جسماني صحت بہ متاثر ٿي. چوپائي مال ۽ اُنهن مان پيدا ٿيندڙ شين جا اگهہ تيزيءَ سان چوٽ چڙهي ويا، چاڪاڻ تہ علائقي ۾ چوپائي مال جو تعداد گهٽجي ويو. زراعت سان لاڳاپيل ڪيترائي ماڻهو بيروزگار ٿي ويا. ماڻهن جي کائڻ پيئڻ جون عادتون ايتريون تہ تبديل ٿيون، جو ٻن مان هڪ ويلي تي اچي ويا. (حوالو: سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ڏڪار کي منهن ڏيڻ بابت حڪمتي عملي جو تجزيو. آءِ ڊبليو ايم آءِ) تجويز ڪيل ڊئم پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ جو مسئلو حل ڪندا ۽ مقامي آبادي لاءِ ڪجهہ عرصي تائين سڄو سال نسبتن مٺو پاڻي موجود هوندو، ڊئمن جي اڏاوت سان مجموعي طور1965 گهرن جي 13485 آبادي کي فائدو ملندو.

ڪوهستان هڪ خُشڪ پهاڙي علائقو آهي، جتي آبادگار چوماسي جي مُند ۾ پوکي لاءِ نئيُن جو پاڻي استعمال ڪندا آهن، اُهي نئيون چوماسي جي مُند ۾ ڏگهو فاصلو طئہ ڪري وهنديون آهن. مقامي ماڻهن جي آمدني جا مُکيہ ذريعا چوپايو مال ۽ برساتي پاڻي تي ٿيندڙ زراعت آهن، جڏهن بہ ڏڪار جهڙي صورتحال پيدا ٿيندي آهي تہ اُنهن علائقن جا ماڻهو خاندانن ۽ ڍڳن سان گڏ ڪجهہ مهينن لاءِ ٻڪراجي علائقن ۾ لڏپلاڻ ڪري ويندا آهن. وري اُهي وسڪاري جي مُند ۾ پنهنجي علائقن ڏانهن واپس هليا ايندا آهن. سنڌ جي ٻين ريگستاني علائقن جيان ڪوهستان بہ برساتي نظام تبديل ٿيڻ سبب مسلسل ڏڪار جهڙي صورتحال کي منهن ڏئي ٿو.

مذڪوره ننڍين ڊئمن ناهڻ لاءِ ڪابہ خانگي زمين گهربل نہ ناهي، چاڪاڻ جو نئيون ۽ نالا سرڪاري ملڪيت ۾ اچن ٿا، اُن سان گڏ نہ ڪنهن ڍانچي کي ڊاهيو ويندو ۽ نہ ئي وري ڪنهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جي ضرورت پوندي. چاڪاڻ تہ هي ڊئم اهڙن علائقن ۾ واقع آهن، جتي آبادي گهٽ ۽ ٽڙيل پکڙيل آهي. ڪيمپ جي تعمير لاءِ نجي يا سرڪاري ملڪيت ۾ آيل زمين جي عارضي استعمال، ڊئمن جي تعمير لاءِ گهربل مٽي جي کوٽائي، ٻاهرين مزدورن جي آمد، نباتات جي نقصان، گندڪچرو، ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي صحت، مقامي آبادي ۽ مزدورن جي تحفظ سميت ڪجهہ اهڙا مامرا آهن، جن جي ڪري ڪجهہ سماجي ۽ ماحولياتي اثر پيدا ٿي سگهن ٿا، جنهن لاءِ هي دستاويز تيار ڪيو

ويو آهي. اڳ ئي موجود لنگهه سامان جي آمدرفت لاءِ استعمال ڪيا ويندا ، جيڪي سامان ڪٽنڌڙ گاڏين جو بار برداشت ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا.

ڪوهستان ۾ ننڍين ڊئمن لاءِ جاين جي چونڊ لاءِ ماهرن کان هڪ اوائلي اپياس ڪرايو ويو، جي آءِ ايس اپياسن جي بُنياد تي منصوبن وارن علائقن ۾ نشاندهي ڪيل ڪُل 63 مان 45 جاين جي چونڊ ڪرڻ لاءِ جاچ ڪرائي وئي. ماهرن تي ٻڌل ٽيم ڪلائينٽ جي عملي سان گڏ نشاندهي ٿيل جاين جي سروي ڪئي ته جيئن 63 جاين مان 45 جاين جي چونڊ ڪري سگهجي. اڳتي هلي حتمي چونڊ کان پهرين انهن جاين جو هڪ تڪڙو سماجي ۽ ماحولياتي جائزو ورتو ويو.

موجوده 12 ڊئمن لاءِ جاين جي چونڊ 45 ڊئمن تي ٿيل اپياسن جي ابتدائي سروي ۽ سفارشن جي روشني ۾ ڪئي وئي آهي. اُن ڪانسواءِ ڪوهستان جي علائقي ۾ ٻين ڊئمن جهڙوڪ، اپر مول، سريشي ۽ تِڪو-2 جي اڏاوت ڪانپوءِ مقامي آبادي طرفان علائقي ۾ وڌيڪ ڊئمن جي اڏاوت لاءِ درخواستون ڏنيون ويون. ڊئمن لاءِ هي جايون مقامي آبادي جي مشوري چونڊيون ويون آهن، اُن سان گڏ سنڌ حڪومت جي جهنگلي جيوت کاتي کان به اجازتنامو ورتو ويو آهي. تجويز ڪيل ڊئمن جي اڏاوت بعد پاڻي جي دستيابي سان مقامي آبادي ۽ جهنگلي جيوت کي فائدو ٿيندو.

ننڍين ڊئمن وارن منصوبن ۾ 22 فوٽ اونچا مٽيءَ جا بند ناهڻ ۽ اسپل ويز واريون سيمينٽ جون ديوارون شامل آهن. اڏاوت سان لاڳاپيل اثر، جهڙوڪ فضائي ۽ آواز جي گدلاڻ ۽ ماڻهن جي وسيلن تي پوندڙ اثرن کي لاڳاپيل اپائن تي بهتر عملدرآمد سان گهٽائي سگهجي ٿو. اهو مشاهدو ٿيو آهي ته ڪيرٿر نيشنل پارڪ ۾ پهرئين مرحلي وارن ڊئمن جِي اڏاوت بعد جر جي زمين پاڻي جي سطح تبديل ٿي 150 فوٽن کان 30 فوٽ تي اچي وئي آهي، جنهن سان نه رڳو پرپاسي جي آبادي کي کوهن ۽ ٻين ذريعن سان پاڻي ملي ٿو، پر لاڏائو ۽ مقامي پکي توڙي ٻي جهنگلي جيوت کي به اُتي اچڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو. ان ڪانسواءِ ڊئمن جي تعمير سان حيوانات ۽ نباتات جي ماحولياتي حالت تي ڪي به منفي اثر نه پوندا. ڊئمن جي اڏاوت سان ذڪار ۾ به حيوانات ۽ نباتات کي پاڻي مهيا ٿيندو ۽ سموري حياتيات جي واڌ ويجهه ٿيندي. رڳو اڏاوتي مرحلي ۾ ڪجهه ناڪاري اثرن پئجي سگهن ٿا، پر اُهي تمام ٿوري عرصي تائين هوندا. بهرحال، ٺيڪيدارن کي اڏاوتي ڪم دوران هن دستاويز ۾ تجويز ڪيل قدمن تي سختي سان عمل ڪرڻو پوندو.

ڊئم ناهڻ واري جاءِ تي مشينري ۽ گاڏين جي مناسب جانچ توڙي سار سنڀال سان امڪاني ناڪاري اثرن کي گهٽائي سگهجي ٿو. اهڙن ٻين اپائن ۾ ڳري مشينري جو آواز دٻائڻ واري اوزار يا مفلر جو استعمال، ڪچن رستن تي ڇٽڪار، اڏاوتي ملبي/ گند ڪچري کي فوري هٽائڻ سان خراب اثرن تي ضابطو، پاڻي کي گدلو ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ مناسب ذخيري جو انتظام ڪرڻ، استعمال ٿيل تيل کي نڪاڻي لڳائڻ ۽ گدلي پاڻي کي صاف ڪرڻ جو انتظام شامل آهن، جڏهن ته اُنهن اپائن ۾ لڳاتار صفائي سترائي جو انتظام به شامل آهي.

ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي صحت ۽ تحفظ کي جِن اپائن ذريعي يقيني بڻايو ويندو، اُنهن ۾ حادثن يا بيمارين جي روڪٿام لاءِ لڳاتار معائنو، مزدورن ۽ آبادي ۾ جاڳرتا، صفائي جو بندوبست، ڪووڊ-19 کي منهن ڏيڻ لاءِ انتظام، نگراني ۽ بچاءَ جو طريقو، هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اپاءَ ۽ طريقيڪار، صفائي جي مناسب سهولتن جي فراهمي، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ مزدورن کي گندڪچري جي ڏبن جي فراهمي شامل آهن. ڊئمن ٺاهڻ جي دوران هن دستاويز ۾ ڏنل قدمن تي صحيح نموني عمل ڪرڻ سان علائقي جي طبعي، حياتياتي، سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي صورتحال تي ڪي به منفي اثر نہ پوندا. البتہ، اِن سان انتهائي اهم مثبت اثر ضرور پوندا، جنهن سان علائقي ۾ پائيدار ترقي ٿيندي.

هر نئين تي تجويز ٿيل ڊئم جي سالياني مجموعي وهڪري کي نظر ۾ رکندي پاڻي کي روڪڻ جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي. هي ڇهہ ڊئم، پپر باريچا، سنگچت جو تڙ، آري پير، اپر مول -2، موسيٰ شورو ۽ پُرڪاٽي ايس آر پي جي مختلف مرحلن ۾ شامل آهن، جِن جي گڏيل طور پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي گنجائش 1501ايڪڙ فوٽ آهيءِ اهي سمورا ڊئم مول ندي تي واقع آهن. جڏهن تہ باقي ٻيا ڊئم مختلف نئيُن تي آهن. اهي 6 ننديا ڊئم سراسري طور هڪ سال ۾ مول ندي جي پاڻي جو وهڪرو گهٽائيندا. جيئن تہ مول ندي جَي ڪيچمينٽ ايريا ۾ پاڻي جو مقدار 16497 ايڪڙ فوٽ آهي، تنهن ڪري صرف 9.1 سيڪڙو پاڻي کي روڪيو ويندو تہ جيئن جر جي پاڻي جي سطح وڌي سگهي. هن علائقي ۾ ٻين ننڍن ڊئمن سان گڏ تجويز ڪيل 12 ڊئم هيٺاهين وارن علائقن ۾ ڪي بہ ناڪاري اثر نہ ڇڏيندا، جڏهن تہ اُتي وڏيڪ ڊئم تعمير ڪرڻ جي ڪافي گنجائش ۽ صلاحيت پڻ موجود آهي.

ڊئمن جي ٽٽڻ بابت ڪيل ڊئم بريڪ اپياس مان اهو نتيجو نڪتو آهي تہ سمورن 12 ڊئمن وارو علائقو ننڍو آهي ۽ 1.12 چورس ڪلوميٽرز کان وڌيڪ ناهي. تنهن ڪري سمورن ڊئمن تي هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ قدمن جي رٿابندي ڪئي وئي آهي.

بُنيادي اثرن واري علائقي جو سرزمين تي وجي ايچ اِي سي آر اَي ايس (HECRAS ) ۽ گوگل ميپ سافٽ ويئر ذريعي جائزو ورتو ويو، تہ جيئن تعمير دوران، ڊئم جي ٽٽڻ، 100 سالا ٻوڏ ۽ ڊئم کي گهاري يا+ 100 سالا ٻوڏ جي صورت ۾ گڏيل اثر ۽ امڪاني نقصان جو ڪاٿو لڳائي سگهجي، اِن ڪاٿي ۾ وڻ وڍڻ، ڪچن رستن جو متاثر ٿيڻ، زرعي زمين، آثارِ قديم جا ماڳ ۽ پاڻي جا نلڪا شامل آهن. جيئن تہ سيئي مجوزه ڊئم جر جي پاڻي جي سطح وڌائڻ لاءِ آهن، جِن ۾ متوقع نقصان عارضي ۽ ڪجهہ ڏينهن (گهٽو ڪري 4-8 هفتا) لاءِ هوندو، ڇاڪاڻ تہ پاڻي جر ۾ هيٺ سيمو ڪري ويندو. تجويز ڪيل ڊئمن جي تعمير سان 12 ڪچا رستا ۽ 111 وڻ متاثر ٿيندا. اي ايس ايم پي دستاويز ۾ مقامي آبادي جي حوالي سان ڪنهن بہ غير متوقع نقصان جي ازالي لاءِ عارضي طور بجيٽ رکي وئي آهي. اُن سان گڏ هي دستاويز ادارتي انتظامن جو هڪ خاڪو بيان ڪري ٿو، جنهن ۾ منفي اثر گهٽائڻ لاءِ گهربل قدم کڻڻ، اُنهن جي نگراني، فيلڊ واري عملي جون صلاحيتون وڌائڻ لاءِ تربيت جو بندوبست ڪرڻ، عملدرآمد ۽ خرچ جو ڪاٿو، ۽ شڪايتن جي ازالي وارو طريقيڪار

)جي آر ايم( شامل آهن. مقامي ماڻهن، حڪومتي شعبن ۽ اين جي اوز سوڌو سمورين لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورا ڪري هي دستاويز تيار ڪيو ويو آهي.

ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جي حوالي سان لڳاتار نگراني ڪئي ويندي ته جيئن منفي اثر گهٽائڻ وارن اپائن تي لڳاتار ۽ اثرائتي نموني عمل يقيني بڻائي سگهجي. اُنهن تي ٽن سطحن تي عمل ڪيو ويندو. پروجيڪٽ مئنجمينٽ ٽيم )پي ايم ٽي( جي سطح تي ماحولياتي ۽ سماجي ماهر منفي اثر گهٽائڻ وارن اپائن تي اثرائتي نموني عملدرآمد يقيني بڻائڻ لاءِ حفاظتي نگراني ڪندا، ان سان گڏ تسلسل سان فيلڊ وزٽ ڪندا. فيلڊ جي سطح تي، پروجيڪٽ امپليمينٽيشن ڪنسلٽنٽس )پي آءِ ايس سي( سان لاڳاپيل عملي طرفان وڌيڪ تواتر سان نگراني ڪئي ويندي. ٽئين مرحلي ۾ پي آءِ ايس سي ۽ پي ايم ٽي جو ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جو شعبو اي ايس ايم پي تي عملدرآمد لاءِ ماهوار، ٽه ماهي ۽ سالياني‌رپورٽس ٺاهيندو.

سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ )ايس آر پي( تي عملدرآمد سان گڏ اِي ايس ايم پي تي عملدرآمد ڪرڻ جي مجموعي ذميواري، پروجيڪٽ مئنجمينٽ ٽيم )پي ايم ٽي( )آبپاشي کاتي سنڌ حڪومت مٿان آهي، جنهن جو سربراهه پروجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي. پروجيڪٽ مئنجمينٽ ٽيم کي ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي يونٽ )اي ايس ايم يو( جي مدد حاصل آهي، جيڪو پي ايم ٽي ۾ ئي قائم ٿيل آهي. پي ايم ٽي طرفان منصوبي تي عملدرآمد، مدد ۽ نگران ڪنسلٽنٽس (پي آءِ ايس سي( کي هن عمل ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جِن تي اڏاوتي ڪم جي نگراني جي ذميواري آهي.

پي آءِ ايس سي وٽ اي ايس ايم پي تي ڪم ۽ اُن جي نگراني لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي ماهر پڻ موجود آهن. آخر ۾ تعميراتي ٺيڪيدار به صحت، ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جا انسپيڪٽر/آفيسر به مقرر ڪندو، اُهي منفي اثر گهٽائڻ وارن اپائن تي عمل ۽ ٻيون گهرجون پوريون ڪرائڻ جا ذميوار هوندا، جيڪي هن اي ايس ايم پي ۾ بيان ڪيل آهن. ان مقصد لاءِ اڏاوتي معاهدي يا ٺيڪي ۾ مناسب شقون شامل ڪيون ويون آهن. پي ايم ٽي طرفان سماجي نگراني لاءِ صلاحڪارن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن، جيڪي پنهنجي طور ذيلي منصوبن جي سرگرمين جي نگراني ۽ تصديق ڪندا.

اِن ڳالهه جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي ته مٿي ڄاڻايل 12 ڊئمن جي اڏاوت لاءِ 111 وڻ وڍيا ويندا، اُنهن مان وڻن جي ڪابه جنس آءِ يو سي اين جي خطري بابت فهرست ۾ نه آهي. وڍيل وڻن جي جاءِ تي 5 ٻيرا وڌيڪ وڻ پوکڻ جي قيمت جو ڪاٿو هڪ هزار رپيا في وڻ جي حساب سان 555،000 رُپيا لڳايو ويو آهي. اي ايس آءِ اَي تي عملدرآمد لاءِ 950، 258، 172 رُپيا ڌار بجيٽ رکي وئي آهي، جنهن ۾ ڪورنا کان بچاءُ جا انتظام به شامل آهن. جڏهن ته هر ڊئم تي مقامي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ 7،000،000 رُپيا رکيا ويا آهن. هي رقم هر ڊئم جي اي ايس ايم پي ۽ بي او ڪيو ۾ عارضي طور شامل ڪئي وئي آهي.